The Largest Circulated Sindhi Daily of Pakistan

DAILY
KAWISH
HYDERABAD

روزانه
# ڪاوش
حيدرآباد

☎ 2780525, 2780026, 2780027, 2782202

# ڏاٻيجي اسپيشل اڪنامڪ زون: ترقيءَ جو گيٽ وي




سارنگ لطيف چانڊيو

chandiosarang@gmail.com


ڏاٻيجي ۾ خصوصي اڪنامڪ زون جي ترقياتي ڪمن جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن منصوبي جو افتتاح ڪري بلاول ڀٽو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي خواب جي پورائي لاءِ ڀرپور وک کڻي چڪي آهي، جيڪو ٺٽي ذريعي ڪاروبار شروع ڪرڻ واري خواب جي تعبير ثابت ٿيندو. ڏاٻيجي اڪنامڪ زون سي پيڪ منصوبي جو حصو هوندو. جيڪو تاريخي ڪيٽي بندر ذريعي گوادر پورٽ سان ڳنڍيو. ڪيٽي بندر ان وقت جي مشهور بندر شاهبندر جي ختم ٿيڻ بعد شروع ڪيو ويو. جيڪو ان وقت ڪاروبار جو واحد ذريعو هوندو هو. دادا سنڌي جي ڪتاب "سنڌ کي بندر اور بازار" موجب غلام شاهه ڪلهوڙي اورنگزيب عالمگير سان واپار ڪرڻ لاءِ شاهبندر ٺهرايو، جنهن ذريعي 1659ع کان وڻج واپار شروع ڪيو ويو. 1819ع ۾ شاهبندر ختم ٿيو. جنهن جا آثار اڄ به اُتي موجود آهن. انگريز راڄ جي شروع وارن ڏينهن ۾ انهن هن پورٽ ذريعي تمام گهڻو منافعو ڪمايو. ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر جي بحالي لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي مختلف منصوبا شروع ڪيا هئا. شهيد راڻي 1994ع ڌاري اُتي ٿر جي ڪوئلي مان پاور پلانٽ ٺاهڻ جو منصوبو جوڙيو ۽ ان سلسلي ۾ روڊ نيٽورڪ لاءِ هڪ فزيبلٽي رپورٽ پڻ ٺاهي وئي هئي. جنهن بعد ڪيٽي بندر تي به پاور پلانٽ ۽ پورٽ ٺاهڻ جو منصوبو جوڙڻ جو به پيپر ورڪ ڪيو ويو. هاڻي جڏهن ڪيٽي بندر به سي پيڪ جو حصو آهي ته، ان منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هن اڪنامڪ زون جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جنهن ذريعي نه رڳو ڪراچي پر ملير ايڪسپريس وي ذريعي پوري ملڪ سان ڳنڍي سگهبو. ڏاٻيجي اسپيشل اڪنامڪ زون 1500 ايڪڙن تي مشتمل آهي، جنهن جو ترقياتي ڪم ارڙهن مهينن ۾ مڪمل ڪرڻ جو رٿيو ويو آهي، جڏهن ته هي زون پورٽ قاسم کان رڳو سا ڍا 9 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. ويجهو هجڻ ڪري اهو، پورٽ قاسم جو اسٽوريج حب به ٿي سگهي ٿو، جتان پوءِ روڊ يا ريلوي ذريعي سپلاءِ ڪري سگهجي ٿي. هن صنعتي زون ۾ لائٽ، ميڊيم ۽ هيوي صنعتون لڳايون وينديون، جڏهن ته ويئر هائوس لاجسٽڪ جون سهولتون به موجود هونديون ۽ ماڻهن جي رهائش ۽ ڪاروبار لاءِ ڪمرشل ۽ رهائشي ايريا به مخصوص ٿيل آهي. ڏاٻيجي پمپنگ اسٽيشن مان پاڻيءَ جي فراهمي سبب پاڻيءَ جو مسئلو به نه ٿيندو. پاڻيءَ جي مخصوص لائن لڳائڻ لاءِ 878.5 ملين رپيا رکيا ويا آهن. جڏهن ته گيس جي فراهمي لاءِ سئي سدرن گئس ڪمپني سان يادداشت نامي تي پڻ صحيحون ڪيون ويون آهن. هن منصوبي کي بجليءَ جي فراهمي لاءِ اين ٽي ڊي سي مان لائن وٺي 250 ايم ڊبليو جي الڳ گرڊ اسٽيشن قائم ڪئي ويندي. جنهن تي 6.15 ارب رپين جو خرچ ايندو. هن زون ۾ سيڙپڪارن لاءِ خاص رعايتون ڏنيون ويون آهن، جن تحت ڪيپيٽل گڊز امپورٽ ڪرڻ تي هڪ پيرو ٽيڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي جي ڇوٽ ڏني وئي آهي ۽ ڏهه سالن لاءِ انڪم ٽيڪس ڇوٽ پڻ ڏني وئي آهي.

هن منصوبي کي سنڌ حڪومت جي فليگ شپ منصوبن ۾ شمار ڪيو پيو وڃي، جنهن کي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت مڪمل ڪيو ويندو. هن زون ۾ 5 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جي اميد آهي، ۽ اٽڪل هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ٿيندا. هن منصوبي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته، "پ پ پ پنهنجي منشور ۾ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ جو تصور ڏنو، جيئن بزنس ڪميونٽي جي مدد سان ترقياتي منصوبا مڪمل ڪري سگهجن ۽ معاشي ترقي ۽ خوشحاليءَ تي ڪم ٿي سگهي. اسان سنڌ ۾ اهڙن سوين منصوبن جو ڄار وڇايو آهي، ٿرڪول منصوبو به ان جي هڪ ڪڙي آهي. پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ بابت ڪوڙا افواهه پکيڙيا ويا، پر سنڌ جا پبلڪ پرائيوٽ منصوبا ڪامياب ويا ۽ عالمي رينڪنگ ۾ سنڌ کي ڇهون نمبر مليو آهي". ڪراچي پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جو مرڪز آهي، جڏهن ته ڪراچي پورٽ، ايئرپورٽ ۽ نيشنل هاءِ وي کي ويجهو هي منصوبو پاڪستان لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندو ۽ سنڌ ۾ روزگار ۽ سيڙپڪاريءَ جا نوان دروازا کلندا. هي منصوبو معاشي ترقي ۽ روزگار جو سبب بڻجندو ان لاءِ ئي ته هن کي پاڪستان جو گيٽ وي قرار ڏنو پيو وڃي.